## حصو الف (گھڻ چونڊائتي سوال)

سوال 1. هيٺين مان درست جواب چونڊي لکو.

1. سنڌ جي اهم سوکڙي ڪھڙي آهي.
   توبي — شاھ عبداللطيف ڀٽائي — اجرڪ — انھن مان ڪو بہ نہ
2. سنڌ جي ڪھڙي شاعر 14 صفر 1165 هجري تي وفات ڪئي.
   قادر بخش بيدل — ٻٽڪو — سيد ثابت علي شاھ — حمل خان لغاري
3. سن ـــــ ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.
   (الف) 1828ع — 1837ع — 1843ع — 1847ع
4. اسلام ۾ ـــــ کي خاص اهميت ڏنل آهي.
   سخاوت — اتحاد — جهاد — نماز
5. مولانا دين محمد وفائي ڪھڙي اسلامي مهيني ۾ وفات ڪئي.
   محرم — شوال — رمضان — انھن مان ڪو بہ نہ
6. مائي خيري واري مسجد ڪھڙي شھر ۾ آهي.
   خداآباد — هالا — حيدرآباد — سعيد آباد
7. جنگ ۽ لفظ جي معني آهي.
   صلح — لڙائي — امن — محبت
8. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم آخري خطبو ڪھڙي سواري تي چڙهي ڏنائون.
   گھوڙي — اٺ — ڏاچيءَ — منبر

9. حضرت سلمان فارسي رضہ جي وقت ۾ ايران ۾ ڪھڙي مذهب جو زور هيو؟
   پارسي — زرتشت — عيسائي — يهودي
10. حضرت عمر رضي الله تعالي عنہ جي دور خلافت ۾ ڪھڙي صحابي کي مداين جو گورنر مقرر ڪيو ويو.
    حضرت زبير رضہ — حضرت سلمان فارسي رضہ — حضرت زبير رضہ — انھن مان ڪو بہ نہ
11. امام جعفر صادق عليہ السلام وقت جا وڏا عالم ۽ ـــــ هئا.
    سخي — امام — فقيھ — انھن مان ڪو بہ نہ
12. نظم "هاري" جو شاعر آهي.
    بردو سنڌي — عبدالڪريم گدائي — استاد بخاري — شاھ عبداللطيف رح
13. عربن " اجرڪ ۽ کي ڪھڙي نالي سان سڏيو آهي.
    احمر — ازرق — اسود — انھن مان ڪو بہ نہ
14. سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ جا حاڪم ڪير هئا؟
    مغل — ٽالپر — سومرا — ڪلهوڙا
15. ڪتاب " مقدمۃ الصلوات " ڪنھن جي تصنيف آهي؟
    محمد هاشم ٺٽوي — مخدوم ابو الحسن
    مخدوم محمد زمان — مولانا دين محمد وفائي

## حصو ب (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن بہ 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 4 مارڪون رکيل آهن.

سوال2. قائد اعظم رح شاگردن کي نصيحت ڪندي ڪھڙين ڳالھين ڏانھن ڌيان ڇڪايو آهي؟

سوال3. تنظيم ڇو ضروري آهي؟

سوال4. وادي مائي کي ڪھڙو شرط ٻڌايو؟

سوال5. جنگ ۽ فساد جو باعث ڪھڙيون ڳالھيون آهن؟

سوال6. اجرڪ ڪيترن مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي؟

سوال7. هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.
ٽوراٽتو — تڪرار — پڇاڙو — وندر

سوال8. نصر پور ڪھڙن هنرن جي ڪري مشهور هو؟

سوال9. شاعر هاري کي ڪھڙي دعا ڏوڪري؟

سوال10. هيٺين لفظن جا ضد لکو.
ولادت — پڇاڙي — ڪوسو — انتها

سوال11. هيٺ ڏنل جملي کي درست ڪري لکو.
آهي. حقيقت . شڪر. سو .آهي جو . خدا. اچ . تہ

سوال12. ڪن بہ ڇئن مٽن مائٽن جي رشتن جا نالا لکو.

سوال13. ضمير متڪلم جي تعريف لکو.

## حصو ج (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن بہ 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 8 مارڪون رکيل آهن.

سوال14. هيٺين شعرن جي سمجهاڻي لکو.

(الف) وٺ جاڻ ۽ دل سان خاڪساريءَ جي واٽ،
توڙي هل جي تو کي بلندي گھرجي!

(ب) سڙي تون ٻين کي ڏئين ٿو سهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي!

سوال 15. ڪنھن بہ هڪ تي مضمون لکو.
اسان جو اسڪول — ميرن جي دربار

سوال16. ڪنھن بہ هڪ شاعر تي نوٽ لکو.
محمد صديق مسافر — ڪشنچند عزيز

سوال17. ڪنھن بہ هڪ سبق جو حاصل مطلب لکو.
اجرڪ — حضرت سلمان فارسي رضي الله تعالي عنہ

سوال18. پنھنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.

يا پنھنجي دوست کي خط لکي ڪيس پنھنجي ڳوٺ بابت معلومات ڏيو.